# گڻ گراهڪي

توکي اي دل صلح ڪل جي پڌايان اڄ ۽ نيشاني،
نظر گڻ گراهڪيءَ جي رکڻ ليکي لال لاثاني.

١- صبر سکُ ڪرست کان پيارا، حليمي هلت هندن کان،
اهنسا ٻوڌ مت مان سک. مسلمانن مان مهماني.

٢- سنائن ڌرم مان شرڌا ۽ آرين مان دليري سک،
پرارٿنا پاءِ برهمڻ کان سکن کان سبق قرباني.

٣- شيعن مان پاءِ بزرگن جو سنين کان مات ۽ مروت،
درشٽي دوش دوئي سک قرب قانون قادياني.

٤- اصل مذهب جي نيشاني آهي اخلاق جي رهڻي،
مچايو مفت ۾ آهي مذهبن گوڙ گهمساني.

٥- اصل آدم آهي ذاتي ڇڏي ڪنهن پارسي پاڻي،
پسي جو جوت سڀ ساڳي اهو بيشڪ آهي گياني.

٦- صفا سينو ڪري پنهنجو ڪيم جان ڪڻ ڪي سرلو،
سچين ڌرمن جي بنسين ۾ ٻڌم هڪ راڳ روحاني.

٧- نه ڪنهن سان پار رک نفرت وسي سڀ منجهه ٿو سائين،
نوالن شمعدانن ۾ آهي هڪ نور نوراني.

٨- دئي ۽ حسد کان دل کي سدائين پوڌ شڌ رک تون،
اصل هڪ روپ ۾ ايندءِ نظر پوءِ رام رحماني.

سوامي پوڌراج صاحب

# چانڊني

مسٽر ڪيمَلداس وليرام بيگواڻي، [ فاني ].



[ ١ ]

جوڀن اراولي جو ٿي ڦاٽو بهار ۾،
گل ڪان بہ سوائي هئي فلڪ خار خار ۾،
قدرت جو ذرہ ذرہ هو خوش ٿو خمار ۾،
مستي ۽ محويت هئي سڄي مرغزار ۾؛
سابرمتي جي نير سندس چرن ٿي ڌوتا،
پتّو سفيد سوتي ها ياقوت يمن جا.

[ ٢ ]

لهرين ۾ لڪل بادِ صبا جو هو ترانو،
گلزار ۾ ڪوئل جي صدا جو هو ترانو،
آڪاس ۾ آزاد هوا جو هو ترانو،
وادي ۾ بہ قدرت جي ڪلا جو هو ترانو؛
شاعر جي طبيعت ۾ هئي دريا جي رواني،
ڪنهن جستجوُ لاءِ جسم ۾ ڦڙڪي ٿي جواني.

# غزل فارسي

١- يارب شگفته باد ا گلــزار ها لکنــدي،
سر سبز سايه گستر اشجار ها لکندي.

٢- پروردگار عالــم، از لطف بي نهايت،
رونق پذيــر کــرده هر کار ها لکندي.

٣- با حرمت محمد، و اصحاب و آل پاکش،
افضل خدا است هردم معمار ها لکندي.

٤- چون گل شگفته هردم باد از نسيم فرحت،
يارب ز فضل عامت هــر مار ها لکندي.

٥- هر يک به علم نامي هر يک به فضل سامي،
هر يک عديل جامي، ابرار ها لکندي.

٦- از بسکه بي مثال است اندر بلاد گيتي،
ورد زبان عالــم اذکار ها لکندي.

٧- هر کوچ چون گلستان، هر خانه کاخ جنت،
از روضه ارم به بازار ها لکندي.

٨- مرغول مهوشانش هر کس که ديــد گفتا،
از چين و شام بهتــر صد بار ها لکندي.

٩- گو جا کني به جنت هکردم ز شوق گوئي،
باشد که باز بينم ديــدار ها لکندي.

١٠- در ديدهء سکنــدر مشان طبع روشن،
آئينه است هر يک ديوار ها لکندي.

١١- تا حشر غم نه بينــد ز آفات **قاسما** او،
مخــدوم نوح باشد سردار ها لکندي.

۽ پوءِ به ماڻهو ڇا چوندا؟ ته ڇوڪرا خود غرض Selfish ۽ لوڀي greedy آهن. لالچ ۾ انڌا ۽ لوڀ ۾ ٻڏل آهن. ڪا غيرت ڪانه اٿن. پاڻ کي بازار ۾ ٿا وڪڻن. بيشرم! پڙهيا آهن پر ڪڙهيا ڪونهن. حيف هجين. سومان جو خيال هجين...... (ڪجهه ماٺ ڪانپوءِ)

سنگتي ڇا چوندا؟ اڙي هي ليڪچر ڏيندو. هو آدرشن ۽ اصولن جي ڳالهه ڪندو هو. ڪهڙو نه چڱو ڇوڪر هو. پر پئسي تي ٻٽ وڃايائين. پاڻي تي پيو. ڪهڙين نگاهن سان مون ڏانهن نهاريندا؟ اف! ڪير هي سڀ سهندو؟ (ڪجهه ماٺ ڪانپوءِ)


پر سچ ته ماڻهو ڪيترو نه پليل آهن. اسين نوجوان، تن جي حال جي ڪنهن کي ڪهڙي خبر. اسين نه پنهي پاسي موچڙا ٿا کائون. جي نه وٺون ته ماٺت چون ته ڇوري مان ڪونه ٿيو. ڇوڪريءَ پنيان پيو. پاليا سون لپايو سون پر ڇا وريو. پنهنجو فرض نه پاليائين. ماءُ آکيندي ته ڏهه مهنا گرڀ ۾ ساڃيم پر پٽ ٻٽ نه پاڙي... پر ابر پيئرون ڏانهن به اسانجو فرض آهي. پر جي اسين پئسا وٺون ٿا ته ماڻهو چون ته ڇو لالچي ڏهين هزارين وڪاڻو.

جي اوڻهون وڃي سچ پرکجي ته معلوم ٿئي ته اسانکي ڪيڏي نه قرباني ڪرڻي ٿي پوي. پئسا وٺون ته دلپسند ڇوڪري نه ملي. پاڻ کي رنڊ ڪري دڪ ڏيڻي پنهنجي سدائين جي خوشي برباد ڪري اسين لاچار پئسا وٺون ٿا. اسين لالچي، گنهگار، سزا ۽ لعنت جا لائق ڪونه آهيون؛ اسين قرباني جا پتلا، واکاڻ ۽ ساراهه جا لائق آهيون.

ڪير ٿو چوي ته اها ڏيتي ليتي اسين ٿا وٺون ۽ اسانوٽ اها خوشي آڻي ٿي. موهن جي دل شيلا سان هئي پر شادي ڪيائين ڪملا سان. مونکي نرملا وڻي ٿي پر مونکي وٺڻي پوندي ڪا ٻي. ڇا ان مان مونکي راحت ملندي يا رنج، دک يا خوشي؟

(ڪجهه وقت ماٺ ۾ اچ وڃ ڪري گلاب وڃي ڪوچ تي وهي ٿو)

گلاب - ننڍي هوندي مان سمجهندو هوس ته مان پڙهندس. سٺي نوڪري ملندي. جلدي ڪمائيندس ۽ ڪمائي پيءُ کي پئسا ڏيندس. وڏا امتحان به ٽڪڙا پاس ڪيم. پر سمواهڙو اچي بڻيو آهي جو پئسو وڃي شيئهن جي ڪنڀيو آهي. بيروزگاري وڌيل. خرچ ڀاري. جي نوڪري ملي ته پگهار گهٽ. بچت ڪجهه نه ڪري سگهجي. سو ڏيتي ليتي وٺڻ ته ٿيو آهي بنه ضرور. جي نٿو وٺان ته پيءُ ويٺي رهندي. پوءِ... پوءِ پلا مان ڇا ڪريان؟... جنهن ڏيتي ليتي بر خلاف مون پنهنجو آواز ڪڍيو سا ڏيتي ليتي مان ويهي وٺان؟ مان! ...... ۽ نرملا... ڇا نرملا جي مورت... پنهنجي دل مان... ڪيئي ڇڏيان!... نرملا... وساري ڇڏيان!


BUILT TO LAST
ويسٽ اينڊ جو نئون "انڊ" گھنٽي
سان گھڙيال صفا ۽ سهڻو. هي
خاص هن ملڪ لاءِ ٺاهيو ويو آهي.
مشنري تمام مضبوط اٿس.
جهالا ٺوءِ لهڻي ۾ مري عيب.
گھنٽي لاڳيتو هلڻي ٿو ۽ رڪي
رڪي به هلڻي ٿو. "انڊ" گھڙيال
خريد ڪريو جو ته هي سستو
سودو آهي ۽ گارنٽي ٿيل آهي
POWERFUL 30-HOUR MOVEMENT
خبردار- ويسٽ اينڊ واچ ڪمپني
جو نالو سڄو ڊائل تي ۽ "ڊبليو"
ستار مارڪ پليٽ تي ڏسو.
WEST END "IND" ALARM
دي "انڊ" گھنٽي سان ارٽبڪ
ڊائل ٧ روپيه ريڊيم ڊائل ٨ روپيه
مفت ڪئٽالاگ لاءِ گھر ڪيو.
ويسٽ اينڊ واچ
۽ ڪو
بمبئي ۽ ڪلڪتا
CONTINUOUS INTERMITTENT ALARM
IND
WEST END WATCH Co
WEST END WATCH Co
BOMBAY CALCUTTA